# اسان جو شاھ لطيف

(ڪتاب چوٿون)



ڊاڪٽر فهميده حسين

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

ٻارن لاءِ ’درس لطيف‘ جو سلسلو

# اسان جو شاهه لطيف

(ڪتاب چوٿون)


سهيڙيندڙ

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

صلاحڪار

**تاج جويو ۽ سيد شيرشاهه**



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

2016ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر 250

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# اسان جو شاھ لطيف (ڪتاب چوٿون)


| | |
|---|---|
| سهيڙيندڙ: | ڊاڪٽر فهميده حسين |
| صلاحڪار: | تاج جويو ۽ سيد شير شاھ |
| ڇاپو: | پهريون: 2012ع، ٻيو: 2014ع، ٽيون: 2016ع |
| تعداد: | 2000 |
| قيمت: | 50/= روپيا |

**Catalogue Reference**
Hussain Fahmida, Dr.
Asan Jo Shah Latif
Children's Literature
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-625-074-6

ASAN JO SHAH LATIF

| | |
|---|---|
| Compiled by: | Dr. Fahmida Hussain |
| Edition: | 1st 2012, 2nd 2014, 3rd 2016 |
| Quantity: | 2000 |
| Price: | Rs. 50 /= |
| Composed by: | Hussain Ahmed & Asadullah Bhutto. |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Sarfraz Rajar Chairman, Sindhi Language Authority National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/s Ali Hussnain & Printing Services, Hyderabad. |
| Digitized by | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

هيءَ ڪتاب، سرفراز راڄڙ، چيئرمين سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميسرز علي حسنين پرنٽنگ سروسز حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# هن ڪتاب بابت

هن ڪتاب ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي مان ٽن سُرن "سرڪاموڏ"، "سرليلان چنيسر" ۽ "سرمارئيءَ" مان بيتن جي چونڊ ڪئي وئي آهي.

سُر ڪاموڏ ۾ نوري ڄام تماچيءَ جي ڪهاڻيءَ کان سواءِ ڪينجهر جي قدرتي سونهن، مهاڻن جي رهڻي ڪرڻي، غربت ۽ انسان دوست حاڪم جو ذڪر اچي ٿو.

سُر ليلان چنيسر ۾ لالچ جهڙي انساني عيب، پورڙائپ، ليلا جي پڇتاءَ ۽ چنيسر جي محبت جو موضوع بحث هيٺ آندو ويو آهي.

سُر مارئيءَ ۾ مارئيءَ جي ڪردار کي بيان ڪيو ويو آهي. هن قصي ۾ مارئيءَ جي مختلف گُڻن کي ڳايو ويو آهي: جيئن ظلم ۽ ڏاڍ آڏو نہ جهڪڻ، لالچ ۽ لوڀ ۾ نہ اچڻ، سچڻ ۽ سانٽيهہ کي نہ وسارڻ ۽ پاڪ دامن رهڻ جهڙين وصفن کي اجاگر ڪيو ويو آهي.

# ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، اسڪولي ٻارن ۾ سنڌ جي سدا حيات شاعرشاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي فڪر ۽ پيغام کي پهچائڻ لاءِ ’اسان جو شاهه لطيف‘ جي عنوان سان پنج ڪتابڙا پهريون ڀيرو سال 2012ع ۾ شايع ڪرايا هئا. ابتدائي طور هن ڪم جو خيال سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس جي معزز ميمبر ڊاڪٽر سليمان شيخ ڏنو هو ان ڪري پهرئين ۽ ٻئي ڇاپي جون ڪيتريون ئي ڪاپيون سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ هلندڙ ’روشن تارا‘ اسڪولن لاءِ خريد ڪيون ويون.

اسان کي خوشي ٿي آهي جو شهدادپور ضلعي سانگهڙ جي هڪ خانگي اسڪول ٻه پنهنجي اسڪول ۾ ’درسِ لطيف‘ جو هيءُ سلسلو پڙهائڻ شروع ڪيو آهي ۽ اٿارٽيءَ جو هيءُ سلسلو ’اسان جو شاهه لطيف‘ پنهنجي ڪورس تي رکيو آهي. هن ڪتاب جو هي ڇهون ڇاپو پڻ ان اسڪول جي گهرج کي آڏو رکي شايع ڪرايو پيو وڃي. اسان جي ڪوشش آهي ته سنڌ جي سرڪاري توڙي خانگي اسڪولن کي پڻ ان ڳالهه تي راضي ڪريون ته اهي پنهنجي نصاب ۾ ’درس لطيف‘ جو هي سلسلو پڙهائڻ شروع ڪن.

مون کي اميد آهي ته هن سلسلي ۾ اسان کي سٺي موٽ ملندي ۽ اٿارٽيءَ پاران ورتل هي ننڍڙي ڪوشش شاهه عبدااللطيف ڀٽائيءَ جي آفاقي پيغام ۽ فڪر کي ٻارڙن ۾ روشناس ڪرائڻ سان گڏ انهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وڌ ۾ وڌ استعمال جو سبب پڻ بڻبي.

5 مئي، 2016ع
حيدرآباد، سنڌ

سرفراز راڄڙ
چيئرمئن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

# پنهنجي پاران

سڄي دنيا ۾ اهو دستور آهي تہ اتان جا تعليمي ماهر ۽ علمي ادارا پنهنجن ڏاهن، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سنڌن ڪم جي باري ۾ پنهنجي نئين نسل کي ڄاڻ ۽ آگاهي ڏيڻ لاءِ، انهن جي زندگين توڙي تخليقن بابت ٻاراڻا ايڊيشن ڪيندا آهن ۽ اهي نہ صرف اسڪولن ۾ 'واڌو مددگار مطالعي' (supplementary reading) لاءِ پڙهائڻ ضروري سمجهيا ويندا آهن، پر ٻارن جا مائٽ گهر ۾ انهن جي اڀياس کي همٿائيندا آهن ۽ ڪين ڪنهن ڪاميابيءَ يا سالگرہ وغيره جهڙن موقعن تي سوکڙيءَ طور بہ ڏيندا آهن. انگريزي ٻوليءَ جي وڏي شاعر ۽ ڊرامانگار وليم شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامن جا مختصر ٻاراڻا ايڊيشن هجن يا اردوءَ جي شاعر علامہ اقبال بابت 'اسان جو اقبال' نالي سيريز جا ڪتاب، اهي ٻارن ۾ انهن شاعرن بابت وڏي ساڃاهہ پيدا ڪن ٿا.

سال 2012ع ۾ هن ڪتاب جي پهرئين ڇاپي کان اڳ محترم ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ٻڌايو هو تہ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي نگرانيءَ ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هلندڙ 25 'روشن تارا' اسڪولن ۾ چوٿين ڪان انين ڪلاس تائين **'شاهہ لطيف'** پڙهايو ويندو آهي، ان لاءِ هُن ڪجهہ ڪتاب بہ تيار ڪرايا هئا. جيڪي انهن اسڪولن ۾ نصابي ڪتابن طور پڙهايا ويندا هئا. بعد ۾ اها خوشخبري بہ ٻڌائي هئائون تہ سنڌ حڪومت بہ اصولي طور اها ڳالهہ قبول ڪئي آهي ۽ جلد ئي ان ڏس ۾ ڪو فيصلو ٿيڻ وارو آهي، جنهن موجب اسڪولن ۾ **"درسِ لطيف"** جو آغاز ڪيو ويندو.

انهيءَ حوالي سان ان وقت اسان بهتر سمجهيو تہ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بہ سنڌي ٻوليءَ جي معمار ۽ محسن شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ڪرڻ جي مقصد سان "درسِ لطيف" ڏيڻ لاءِ ننڍڙا ڪتابڙا ڇپرائي، پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ان ڏس ۾ پنج ڪتابڙا تيار ڪيا ويا، جن ۾ ٻارن جي عمرين کي ذهن ۾ رکي تمام سؤلا ۽ سبق آموز بيت درجيوار ڏنا ويا. هر هڪ بيت ۾ موجود ڏکين لفظن جون معنائون ۽ بيت جي سمجهاڻي ڏني، ٻارن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اخلاقي گڻ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ان ڪم ۾ منهنجا مددگار محترم پروفيسر سيد شيرشاهہ ۽ محترم پروفيسر تاج جويو هئا، جن هنن ڪتابن کي نظر مان ڪڍيو ۽ تمام سهڻيون صلاحون ڏنيون.

هن وقت هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو شايع ٿي رهيو آهي. مون کي اميد آهي تہ هنن ڪتابڙن ذريعي سنڌ جي ٻارن ۾ اسان جي پياري ٻوليءَ جي عظيم شاعر شاهہ لطيف جي ساڃاهہ پيدا ٿيڻ سان گڏ ساڻس اُنسيت پڻ پيدا ٿيندي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سونهاريءَ سنڌ جو سدا حيات شاعر آهي، جنهن جي ڪلام وارو ڪتاب " شاهہ جو رسالو" هر سنڌيءَ جي گهر ۾ لازمي طور هوندو آهي. هن رسالي ۾ ڪيترائي اهم عنوان موجود آهن، جن ۾ دين، دنيا، امن، محبت، ڀڏي، انسان دوستي ۽ وطن دوستي اهم آهن. هو نہ رڳو هڪ وڏو شاعر آهي، پر ڏاهو ۽ عالم بہ آهي، جنهن جو ڪلام ٻوليءَ، ادب ۽ فن سان گڏ اعليٰ خيال جي خوبين سان مالا مال آهي. شاهہ سائينءَ جي ڪلام کي غور سان پڙهبو تہ اُن ۾ توحيد، رسالت، عبادت، تصوف، انسانيت جهڙا تمام اهم موضوع بيان ٿيل آهن. جيئن تہ الله تعاليٰ جي مخلوق ۾ انسان سڀني کان مٿانهون درجو رکي ٿو ۽ کيس "اشرف المخلوقات" سڏيو ويو آهي، ان ڪري سندس تعليم ۽ تربيت لاءِ پيغمبر، ولي، بزرگ صوفي ۽ ڏاها عالم ايندا رهيا آهن، جن پنهنجي پيغام سان انسانن کي اعليٰ زندگي گذارڻ جو ڏس ڏنو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هڪ ڏاهو عالم ۽ صوفي شاعر آهي، جنهن پنهنجي رسالي ۾ بيتن ۽ واين جي ذريعي ڀهرين الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ اُن جي عبادت ۽ رسول پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جي رسالت ۽ سندن اطاعت بابت درس ڏنو آهي. ان کان پوءِ انسانن جي اخلاق ۽ ڪردار کي بلند ڪرڻ ۽ سندن شخصيتن کي سنوارڻ لاءِ ڪيترائي اعليٰ مثال ڏنا آهن. اهڙيءَ ريت شاهہ صاحب هڪ استاد ۽ رهبر بنجي رهنمائي ڪئي آهي. هو اسان کي حق ۽ سچ جي راهہ تي هلڻ جي صلاح ڏي ٿو ۽ ڪوڙ ۽ ڪپت کان بچڻ جي تلقين ڪري ٿو تہ جيئن هن زندگيءَ ۾ بہ ڪامياب ٿيون تہ آخرت ۾ بہ سُرخرو رهون.

هونئن تہ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ ڪيترائي ناليوارا شاعر، ڏاها، عالم ۽

مفڪر پيدا ٿيا آهن، جن پنهنجي پنهنجي قوم لاءِ بيمثال پيغام ڏنا آهن. پر شاهه سائينءَ پنهنجي ڪلام ذريعي انسانذات سان محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏيڻ سان گڏ ڏاڍ، ڏهڪاءَ، ظلم يا انصافيءَ سان مهاڏو اٽڪائڻ جو بہ درس ڏنو آهي ۽ پنهنجي زندگيءَ جي اعليٰ مقصد ۽ منزل کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي راهه ڏسي آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جيئن تہ سنڌ سان بيحد محبت ڪندو هو ان ڪري هن سنڌي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، سنڌي سماج جي اندر رسمن رواجن ۽ سنڌ جي تاريخ جي اهم واقعن ۽ ڪردارن جي ڳالهه ڪئي آهي. نہ صرف ايترو پر سنڌ جي جاگرافيائي حدن اندر موجود وڻ ٽڻ، ٻوٽا، جانور، پکي پکڻ، جبل، ٽڪر، نئيون، نديون ۽ سمنڊ وغيره ڪلام ۾ آڻي، انهن جي باري ۾ تمام گهڻي ڄاڻ مهيا ڪئي آهي، جنهن جي ڪري سندس رسالو سنڌ بابت هڪ اهم دستاويز بنجي ويو آهي. شاهه سائينءَ جو ڪلام جيئن تہ موسيقيءَ جي سرن تي ٻڌل آهي، ان ڪري اهو جهر جهنگ، جهوپڙين، ماڙين، اڪيلائي توڙي مجلسن ۽ محفلن ۾ ڳايو ۽ ٻڌو ويندو آهي ۽ سنڌ جا سمورا ماڻهو ننڍا وڏا، پوڙها پڪا، زالين مڙسين کيس ’شاعرن جو سرتاج‘ مڃيندي، سندس مهانتا کي مڃين ٿا.

شاهه لطيف کي مڃڻ وارا رڳو سنڌ جا عالم اديب نہ، پر ڪيترا سنڌ کان ٻاهر پاڪستان جا ۽ پاڪستان کان ٻاهر يورپ جي ملڪن جا عالم بہ آهن، جن ۾ جرمنيءَ جا ڊاڪٽر ٽرمپ، ڊاڪٽر اينميري شمل ۽ جرڊ لُپڪي، انگلينڊ جو ڊاڪٽر ايچ. ٽي سورلي بہ شامل آهن، جن کيس دنيا جي تمام وڏن شاعرن ۾ شمار ڪيو آهي.

اسان کي گهرجي تہ اسين شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام کي پڙهون، سمجهون ۽ پوءِ اُن تي عمل بہ ڪريون تہ جيئن اسين زندگيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪريون.

# نوري ڄام تماچيءَ جو قصو

سنڌ ۾ سمن جي حڪومت واري دور ۾ ڄام تماچيءَ نالي هڪ اصول پرست ۽ عوام دوست بادشاهه ٿي گذريو آهي. هيءَ ڪهاڻي ڄام تماچيءَ جي نوري مهاڻيءَ سان محبت جو هڪ اڻ وسرندڙ داستان آهي.

ڪينجهر ڍنڍ جي ڪناري غريبي ۽ مسڪيني حال ۾ ڪکن جي جهوپڙين، منهن ۾ ٻيڙين تي ٺهيل مختصر گهرن ۾، سنڌ جي هڪ اهم قبيلي جا ماڻهو رهندا هئا، جيڪي ويچارا غريب ۽ مسڪين، مڇي ماري پيٽ گذر ڪندا هئا. سندن عورتون ڪِکيون ڪاريون ڪٽي مڇي وڪڻنديون هيون. اهڙي گدلي ۽ بدبودار ۽ هيٺي ماحول ۾ "نوري" نالي مهاڻي پلجي جوان ٿي، جيڪا شڪل شبيهه ۾ هلت چلت ۾ سيني کان سرس هئي.

هڪ ڀيري سنڌ جو سلطان ڄام تماچي شڪار ڪندي اچي ڪينجهر ڪنڌيءَ تي نڪتو ته سندس نظر نوريءَ تي پئي ۽ ڪيس نوريءَ جي سادگيءَ ۽ سونهن وٺي وئي. ذات پات جا وهم وساري، ننڍ وڏائيءَ جا سنڌا ميٽي، حاڪم ۽ محڪوم جا ويڇا ختم ڪري، نوريءَ جو سڱ سندس مائٽن کان گهريائين. مهاڻن به نوريءَ ۽ ڄام تماچيءَ جي شاديءَ جو رشتو خوشيءَ سان قبول ڪيو.

شاديءَ کان پوءِ به نوريءَ، پنهنجي بي پناهه حُسن جي باوجود ۽ راڻيءَ ٿيڻ کان

پوءِ بہ نهنائيءَ ۽ عاجزيءَ کي ڪو نہ وساريو. نوريءَ جي هن گڻ ڄام کي اجا وڏيڪ موهي وڌو. ڄام تماچي، نوريءَ جو ايترو خيال ڪرڻ لڳو جو ڄام جون ٻيون راڻيون نوريءَ سان ريس ڪرڻ لڳيون. ٻين راڻين ۾ ناز ۽ وڏائي هئي تہ نوريءَ ۾ وري عاجزي ۽ نهنائي هئي.

محلات جي سيني راڻين وڏا هار سينگار ڪيا ۽ حيلا وسيلا هلايا، پر ڄام جي دل کٽي نہ سگهيون، پر نوريءَ جي سچائي، قدرتي سونهن ۽ سادگيءَ ڄام جي دل ۽ دماغ تي اهڙو تہ اثر ڇڏيو جو ڪيس پَٺَ راڻي ڪيائين. هڪ طرف وڏ گهراڻين سَمين راڻين جا سينڌ سرما ۽ هار سينگار هئا تہ ٻئي طرف نوريءَ جي سادگي، نماڻائي، نياز ۽ نهنائي، مطلب تہ نوري پنهنجي گڻن سبب مَها راڻيءَ جو درجو حاصل ڪيو ۽ ڄام جي پوري زندگيءَ ۾ ٻي ڪا بہ راڻي نوريءَ جي جاءِ ماڻي نہ سگهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي هن قصي تمام گهڻو متاثر ڪيو ۽ پنهنجي شاعريءَ جي ”سرڪاموڏ“ ۾ هن قصي ذريعي ڄام تماچيءَ جي مهاڻن سان سٺي هلت، غريبن سان همدردي ۽ ذات پات جا ويڇا ختم ڪرڻ کي پڌرو ڪيو آهي ۽ نوري مهاڻيءَ جي ڪردار جي سُونهن ۽ نياز نوڙت جي ساراهہ ڪئي آهي. هن قصي ۾ انساني برابريءَ جو بي مثال درس آهي.

●●●

## بيت:1

تون سَمُو، آئون گندري، مُون ۾ عَيبن لکَ،
هِنَ منهنجي حال جي، توکي سَڀُ پَرکَ،
ڪارڻ رَب اَلکَ، مَتان ماڳُر مَٽيين.

| | | | |
|---|---|---|---|
| سَمو: | ذات، ڄام تماچي، بادشاهه | ڪارڻ: | سبب، خاطر |
| گندري: | مُهاڻي | رَبَ: | الله تعاليٰ، پالڻهار |
| عيب: | نقص، گهٽتائي، کوٽ | الک: | الله تعاليٰ |
| لَک: | لکين، گهڻا | ماڳُر: | مهاڻن جي ذات جي |
| پَرک: | سڃاڻ، خبر، ڄاڻ | مَٽيين: | تبديل ڪرين، مُنهن ڦيرين، مٽائين |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي "سُرڪاموڏ" مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه سائينءَ نوريءَ جي عاجزيءَ ۽ نهٺائيءَ جو بيان ڪيو آهي. نوري سنڌ جي حاڪم ڄام تماچيءَ کي عرض ڪري ٿي ته تون بادشاهه ۽ راڄ جو مالڪ آهين، پر آءٌ غريب مُهاڻي آهيان، مُون ۾ لکين عيب آهن. توکي منهنجي هن حال جي خبر آهي، تنهنڪري سچي ڌڻيءَ جي واسطي مون غريب کان منهن نه موڙجانءِ. مطلب ته نوري مُهاڻي، عجز ۽ نياز سان ڄام تماچيءَ کي منٿ ڪري رشتن جي پارت ڪري ٿي.

•••

## بيت: 2

هيٺ جَرُ، مَٿي مَجرُ، ڪَنڌيءَ ڪَونر تَرن،
وَرئي واهوُندنِ، ڪينجَهر ڪٿوري ٿِئي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| جَر: | زمين اندر پاڻي | واهوندا: | هوا، واءَ جو قسم، اولهه ذڪرُ جي ڪُنڊ جو واءُ |
| مَجرُ: | ڪنڊيءَ جو ٻُور | | |
| ڪنڌي: | ڪنارو، ڪپر | ڪينجهر: | ڍنڍ جو نالو |
| ڳونر: | ڪنول جا گل | ڪٿوري: | مُشڪ، خوشبوءِ |
| ورئي: | موٽندي، ايندي | | |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي ”سر ڪاموڏ“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه سائينءَ سنڌ جي مشهور ڪينجهر ڍنڍ جي فطري خوبصورتي ۽ بي مثال حُسن جو نقش چٽيو آهي ته ڪينجهر ۾ هيٺ صاف شفاف پاڻي آهي، مٿان ڪنڊيءَ جي وڻن ۾ ٻور آهي، ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي ڪنول جا گل ترندا ڏسڻ ۾ ٿا اچن، جيڪي نهايت دلڪش ۽ وڻندڙ منظر پيش ڪن ٿا. وري جڏهن واهوندي جون وڻندڙ هوائون لڳن ٿيون ته ڪينجهر جي چوڌاري گلن جي واس ڪري خوشبوءِ پکڙجي وڃي ٿي. هن بيت ۾ مجموعي طور ڪينجهر ڍنڍ ۽ اُن جي خوبصورتي بيان ڪيل آهي.

●●●

# مشق

هنن بيتن ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي نوريءَ جي روپ ۾ سچائي، سادگي، نهٺائي ۽ عاجزيءَ کي انسان جو بنيادي گڻ ڪري پيش ڪيو آهي ۽ ان سان گڏ ڪينجهر ڍنڍ جي فطري سونهن جو عڪس بہ چٽيو آهي.

## 1_ سوال:

1. مٿين بيتن جي روشنيءَ ۾ ٻڌايو تہ نوري ذات جي ڪير هئي؟
2. بيتن ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟
3. ڄام تماچيءَ کي نوريءَ جي ڪهڙي خوبي پسند آئي؟

**2_** هيٺ بيتن مان ساڳين اکرن ۽ آوازن سان ختم ٿيندڙ لفظ ڏجن ٿا. اوهان ڪجهہ ٻيا اهڙا لفظ ڳولي خال ڀريو؟

| | | |
|---|---|---|
| (1) آلڪ | (2) ...................... | (3) ...................... |
| (4) جر | (5) ...................... | |
| (6) ترن | (7) ...................... | |

●●●

# ليلان چنيسر جي ڪهاڻي

سومرا گهراڻي جو هڪ ناليوارو بادشاهه چنيسر، ديول ڪوٽ تي حڪومت ڪندو هو. چنيسر حُسن، شان شوڪت ۽ دولت وارو بادشاهه هو. چنيسر جي پَٽ راڻي ليلان سندس لاڏلي راڻي هئي. ڪونئروءَ نالي هڪ شاهوڪار عورت چنيسر جي چاهت حاصل ڪرڻ خاطر سندس محلات ۾ ٻانهي ٿي آئي ۽ هميشه وجهه ڳوليندي رهندي هئي ته ڪنهن به طرح ليلان کي هِرڪائي ۽ لالچ ۾ آڻي، چنيسر سان ملڻ جو موقعو حاصل ڪري سگهي.

هڪ ڏينهن ليلان کي، ڪونئروءَ نَوَ لکي قيمتي هار جي لالچ ڏيئي سندس مڙس چنيسر بادشاهه سان رهاڻ جي موڪل ورتي. انهيءَ رات چنيسر بادشاهه ملڪي معاملا نپٽائيندي رات جو دير سان محلات ۾ موٽيو ته ليلان هن کي ننداکڙيءَ ڪيفيت ۾ وٺي وڃي ڪونئروءَ جي حوالي ڪيو. صبح جو جڏهن چنيسر بادشاهه ننڊ مان جاڳيو ته ڪونروءَ کي ڏسي پريشان ٿي ويو. ڪونروءَ بادشاهه کي ٻڌايو ته ليلان لالچ ۾ اچي نَوَلکي قيمتي هار عيوض کيس چنيسر سان رهاڻ جو موقعو ڏنو هو. اها ڳالهه ٻڌي چنيسر بادشاهه ليلان تي چڙي پيو ۽ کيس پنهنجي دل تان لاهي ڇڏيائين ۽ هن کي پنهنجي ماٽتن ڏانهن موٽائي موڪليائين.

هن واقعي کان پوءِ ليلان جيڪا چنيسر جي پٽ راڻي هئي ۽ راڄ ۾ وڏي مان

مرتبي واري هُئي، لالچ جي ڪري مڙس جي نظرن مان ڪري پئي. پوءِ تہ هن گهڻا حيلا وسيلا ڪيا ۽ چنيسر کي منٿ ميڙ ڪئي، پر چنيسر بادشاهہ ليلان جي هڪ بہ نہ ٻڌي آخر آسرو پَلي ڏهاڳ جو داغ ڪٽي، پنهنجي پيڪن رواني ٿي. ليلان جي اندر ۾ پوءِ بہ اها آس رهي تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن چنيسر هن جي غلطي معاف ڪري هن کي واپس ساڳيو مرتبو ڏيندو. پر سالن جا سال گذري ويا، چنيسر جي ڪاوڙ تڏي ڪا نہ ٿي.

گهڻن سالن کان پوءِ چنيسر بادشاهہ پنهنجي وزير جَکري جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ليلان جي اباڻي ملڪ پهتو. اتي شاديءَ جي ڪاج ۾ جڏهن اوچتو ٻئي آمهون سامهون ٿيا تہ پراڻي محبت کي ياد ڪري صدمي ۾ سندن ساهہ جو پکيئڙو اڏامي ويو ۽ هو هن جهان مان موڪلائي ويا.

•••

## بيت: 1

الله! ڏاهِي مَ ٿِيان، ڏاهيون ڏُکَ ڏسن،
مُون سين مون پِرينِ، پورائيءَ ۾ پالَ ڪَيا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڏاهي: | سياڻي، عقلمند | پورائي: | ڪم عقلي، اَڻ ڄاڻائي |
| مَ: | نه | پَال: | چڱائي، سنائي، ڀلائي |
| پرين: | محبوب، دوست | | |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي ”سُر ليلان چنيسر“ مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهه سائين ٻڌائي ٿو ته ليلان جنهن سياڻپ سمجهي نَوَ لکي هار عيوض پنهنجي مُڙس جو ڪونئروءَ نالي عورت سان سودو ڪيو هو. اُن ڪري، اها سياڻپ مهانگي پئجي وئي ۽ مرڳو مڙس من تان لاهي ڇڏيس.

ليلان پڇتائيندي الله تعاليٰ کان دعا گهري ٿي ته اي منهنجا مالڪ! مون کي اهڙو عقل نه ڏي، جنهن ۾ لالچ شامل هجي. اهڙي عقل واربون سياڻيون مون وانگر ڏک ڏسنديون آهن. پر جڏهن مون کي اهو لالچ وارو عقل نه هو ۽ جڏهن آءٌ سادي ۽ سچي هيس ته مون سان منهنجي محبوب مڙس تمام گهڻيون ڀلايون ۽ چڱايون ڪيون.

●●●

## بيت: 2

جي ليلائي مَ لَهين، تَہ پُڻ ليلائيج،
آسر مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ليلائي: | منٿ ڪري | آسَر: | آسرو اُميد |
| لهين: | حاصل ڪرين، پائين | سَڄڻ: | دوست، خيرخواهہ |
| ليلائيج: | منٿ ڪج | ٻاجهيندڙ: | ٻاجهہ ڪندڙ ٻاجهارو رحم وارو |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي "سُر ليلان چنيسر" مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ: اي ليلان توکي پنهنجي مڙس جي رضامنديءَ لاءِ عاجزيءَ سان هينائين وٽي ٻاڏائڻ ۾ منٿ ڪرڻ گهرجي ۽ الله مان آسرو نہ لاهڻ گهرجي، ڇو تہ اهو رحم ڪرڻ وارو آهي. هن ڳالهہ مان اسان کي اهو سبق ٿو ملي تہ انسان کي پنهنجي رب آڏو هميشہ ۽ هر هر ٻاڏائڻ ۾ منٿ ڪرڻ گهرجي. الله تعاليٰ مان ڪڏهن بہ آسرو لاهڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ ڏاڍو ٻاجهہ ڪندڙ ۽ رحم وارو آهي. نيٺ تہ بندي جو عرض اگهائيندو.

●●●

# مشق

لوڀ ۽ لالچ واري سوچ انسان لاءِ ڏکن ۽ خساري جو سبب بڻجي ٿي، پر سچائيءَ ۽ سادگيءَ سان خوشيون نصيب ٿين ٿيون. تنهن ڪري سچائيءَ سان ڏٽيءَ در ٻاڏائڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته الله سائين نهايت ٻاجهارو ۽ رحم وارو آهي.

**1_ سوال:**

1. شاهه عبداللطيف ڀٽائي ليلان جي زباني ڏک ۽ سک جو ڪارڻ ڇاکي سڏي ٿو؟
2. شاهه صاحب ليلان کي ڪهڙي صلاح ٿو ڏئي؟
3. اُميد ۽ نا اُميديءَ بابت شاهه صاحب ڇا چيو آهي؟

**2_** هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو؟

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڏاهي | | ڀورائي | |
| سڄڻ | | ٻاجهيندڙ | |
| آسرو | | | |

1. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سُر ليلان چنيسر تي مختصر نوٽ لکو!
2. سر ليلان چنيسر ۾ شاهه صاحب جي ڏسيل ڳالهه مان اوهان ڇا سکيو آهي؟

# عمر مارئيءَ جو قصو

عمر مارئيءَ جو قصو سنڌ جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ مشهور آهي. مارئيءَ جي پيءُ جو نالو پالڻو پنهوار ۽ سندس ماءُ جو نالو ماڌوئي هو. هي مسڪين مارو ٿر جي ملير واري علائقي جي ڀالوا ڳوٺ ۾ ٻني ٻاري ۽ مال تي گذر سفر ڪندا هئا. مارئيءَ جو مڱڻو ننڍپڻ ۾ ئي سندس مائٽ کيت سان ٿيل هو. ساڳئي وقت سندن هڪ نوڪر ڦوڳ بہ مارئيءَ کي پسند ڪندو هو. مارئي سونهن ۾ سيڻي ڪان سرس ۽ لڇڻن ۾ لاجواب ڇوڪري هئي. جڏهن جوان ٿي تہ ڦوڳ مارئيءَ جي پيءُ کان سندس سَڱ گهريو پر مارئيءَ جي پيءُ انڪار ڪيو. تنهن تي ڦوڳَ ڪاوڙ ۽ حسد سببان وڃي وقت جي حاڪم عمر سومري کي هِرکايو تہ مارئي جهڙي سهڻي ۽ من موهيندڙ عورت شاهي محلات ۾ ئي سُونهين.

عمر بادشاهہ ڦوڳَ کي ساڻ ڪري مارئيءَ جي ملڪ ملير اچي پهتو. صبح جو جڏهن مارئي پنهنجي سرتين سان کوهہ تي پاڻي ڀرڻ آئي تہ عمر ويسُ بدلائي پاڻي پيئڻ جي بهاني مارئيءَ جي پرسان اچي، کيس ڪنيي کڻي اُٺ تي ويهاريو ۽ اچي عمر ڪوٽ ۾ قيد ڪيو. عمرَ، مارئيءَ کي لالچ ڏيندي چيو تہ تون منهنجي پٽَ راڻي ٿي ويهہ. پر مارئيءَ بنهہ انڪار ڪيو. جڏهن عمر گهڻو ستايس تہ هن کي چوڻ لڳي تہ: کيت سان منهنجو سڱ ٿيل آهي، سو آءٌ ڪنهن ٻئي جي ٿي نہ ٿي سگهان. مون کي

موڪل ڏي تہ موٽي ملير وڃان.

عمر جي قيد ۽ بند ۾ رهندي، مارئي رات ڏينهن پنهنجن اباڻن، جيڏين سرتين ۽ وطن ڪي ساري جُهرندي ۽ جِهڄندي رهي. عمر جي پٽ پٽيهرن، بخمل ۽ بافتن کي اباڻي لوئيءَ جي مَٽ نہ ڪيائين. عمر جي سون ۽ چانديءَ جي ڳهن، عطر عنبيرن، شاهي طعامن ۽ ميون مناين کي پنهنجي اباڻن جي سادي رهڻي ڪهڻيءَ، ڏٿ ۽ ڏونئرن جي برابر نہ سمجهيائين.

عمر وٽ قيد دوران مارئيءَ جو من محلن ۾ مُنجهندو رهيو. عمر کي عرض ڪيائين تہ جيئري مارُن جو منهن ڪو نہ ڏٺم، پر جي وطن لاءِ واجهائيندي مري وڃان تہ مهرباني ڪري منهنجو مڙهہ ملير موڪلجانءِ، تہ جيئن ڏاڏاڻي ڏيهہ جي ولڙين جو واس مون کي نصيب ٿئي.

مارئيءَ جي اها ڪيفيت ڏسي عمر بيوس ٿي پيو ۽ مارئيءَ کي پنهنجي ڀيڻ ڪري ملير پُڄائي آيو. مارئيءَ پنهنجي عزت آبرو سنڀالي رکي، هوءَ پنهنجي مائٽن ۽ محبوب وطن ۽ ماڳ سان سچي رهي. عمر سومري پنهنجي آڻ مڃي ۽ مارئيءَ کي سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيئي پنهنجي ملڪ ملير روانو ڪيو.

مارئيءَ جي سچائي، همت، بي ڊپائي ۽ پاڪدامني توڙي ساٿيهہ جي سڪ ۽ مارن جي محبت کي ڏسي شاهہ صاحب تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ مارئيءَ جي ڪردار، ملير، ڏُٿ، چانگن ۽ چيلڙن، لوئيءَ ۽ لڄ کي هڪ ڌار سُر ۾ سمائي، هن کي هڪ اهڙو مثال ڪري پيش ڪيو آهي، جو هر انسان، عورت توڙي مرد سندس ڪردار جهڙو ٿيڻ ٿو چاهي. مارئيءَ طرفان. لالچ، قيد ۽ بند جون تڪليفون سهڻ ۽ وقت جي وڏيءَ طاقت سان مهاڏو اٽڪائڻ جو حوصلو اسان لاءِ سبق آهي.

●●●

## بيت: 1

جيها جي تيها، مون مارو مڃيا،
مون جيڏيون ملير ۾، چونڊِين موڪَ ميها،
منهنجي آهه اِها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي!

| | | | |
|---|---|---|---|
| جيها: | جهڙا | ميها: | ياڄيءَ جو قسم |
| تيها: | تهڙا | آهه: | رڙ، صدا، دانهن |
| موڪَ: | گهٽا، جڄها | ڪوٽ: | محل، قلعو |

## بيت جي سمجهاڻي

هيءُ بيت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي 'سُر مارئيءَ' مان چونڊيو ويو آهي. هن بيت ۾ مارئي چوي ٿي ته منهنجا مارو مائٽ جهڙا به آهن، غريب مسڪين، ميرا سيرا، تهڙا ئي مون کي قبول آهن، ڇو ته اُهي منهنجا پنهنجا آهن. منهنجي ڳوٺ ملير ۾ منهنجيون سرتيون ۽ جيڏيون جڄها ميها ۽ ٻيون ياڄيون چونڊينديون هونديون، اُنهن سان ملڻ لاءِ منهنجي دل دانهون پئي ڪري ۽ دُکي دل جي دانهن ۽ آهه هڪ ڏينهن ضرور عمر بادشاهه جي ڪوٽ قلعن کي ڪيرائيندي ۽ آءُ آزاد ٿي پنهنجي ملڪ ملير ويندي س.

●●●

## بيت: 2

اِيءَ نہ مارن ريت، جيئن سيڻَ مَٽائن سونَ تي،
اَچي عُمرڪوٽَ ۾، ڪَندِيَس ڪانہَ ڪُريت،
پَکن جي پريتِ، ماڙين سين نہ مٽيان.

| | | | |
|---|---|---|---|
| اِيءَ: | اِها | ڪُريت: | خراب روش، ڪني ريت |
| ريت: | رسم، رواج | پريت: | محبت، سڪ، اُڪير |
| سيڻَ: | مٽ مائٽ، عزيز | ماڙي: | محلات |
| مٽائن: | بدلائن | مَٽيان: | بَدلايان |

عمر ڪوٽ: علائقو شهر، جتي عمر بادشاهہ جو محل هو (هن وقت عمر ڪوٽ کي ضلعي جي حيثيت حاصل آهي)

### بيت جي سمجهاڻي

هيءَ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي ”سُر مارئيءَ“ مان چونڊيو ويو آهي. شاهہ سائين مارئيءَ جي زباني عمر سومري کي جواب ڏيندي چوي ٿو تہ: اي عمر سومرا! اهو اسان غريب ماروئڙن جو دستور ۽ رواج نہ آهي، جو سون ۽ دولت جي لالچ ۾ اچي. پنهنجيون مٽيون مائٽيون بدلايون ۽ پنهنجا ناتا ٽوڙيون. هتي عمرڪوٽ ۾ اچي آءٌ ڪا اهڙي ڪُڏي روش اختيار نہ ڪنديس ۽ ڪو بہ اهڙو ڪچو ڪم ڪانہ ڪنديس، جو منهنجي مٽن مائٽن ۽ مٽيءَ تي ڪو حرف اچي. مون کي پنهنجي اباڻن ڪکن ۽ مٽيءَ سان جيڪا محبت آهي، اُها تنهنجي ماڙين عيوض هرگز نہ مٽائيندس.

## بيت: 3

اللهٰ! ائين مَ هوءِ، جيئن آءٌ مَران بندَ ۾،
جُسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ،
پَهرين وَجان لوءِ، پوءِ مَر پُڄنم ڏينهڙا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| الله ائين مر هوءِ: | اي الله ائين نہ ٿئي | روءِ: | روئي ٿو رڙي ٿو |
| بند: | قيد | لوءِ: | وطن، ساڻيهہ |
| جُسو: | وُجود، جسم | مَر: | ڀَلُ |
| راتو ڏينهان: | ڏينهن رات | پُڄنم: | منهنجا پورا ٿين |

## بيت جي سمجهاڻي

هي ۽ بيت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي ”سُرمارئيءَ“ مان چونڊيو ويو آهي، جنهن ۾ شاهہ سائين مارئيءَ جي زباني پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت جو اظهار ڪيو آهي. مارئي چوي ٿئي تہ اي الله سائين! متان ائين نہ ٿئي، جو آءٌ هتي قيد ۾ ئي مَري وَڃان، منهنجو جسم زنجيرن ۾ قيد آهي، پر پوءِ بہ رات ڏينهن پنهنجي ماروئڙن لاءِ پڪاريندي رَهان ٿي. منهنجي هيءَ آس آهي تہ پهرين پنهنجي وطن وڃان، پوءِ ڀل منهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ٿين ۽ مري وڃان.

●●●

# مشق

هنن بيتن ۾ حب الوطني، پنهنجن هم وطنن سان وفاداري، قيد ۾ ڏاڍاين باوجود پنهنجي اصول تي قائم رهڻ ۾ انسان لاءِ پاڪيزگي قائم رکڻ جو پيغام ڏنو ويو آهي، چاڪاڻ تہ انسان جيستائين پنهنجي مٽيءَ ۾ پنهنجي مائٽن سان سچو نہ آهي، تيستائين هن جي شخصيت اڌوري آهي.


## سوال:

1. مارئيءَ کي عمر ڪهڙي سبب جي ڪري اغوا ڪيو؟
2. قيد ۾ مارئيءَ جي حالت ڪيئن هئي؟
3. قيد واري پوري عرصي ۾ مارئيءَ جو عمر سان سلوڪ ڪيئن رهيو؟
4. مارئيءَ سان قيد ۾ عمر سومري ڪهڙو ورتاءُ ڪيو؟

بيت جي سٽن جي آخر ۾ آيل هم آواز لفظن کي قافيو چئبو آهي. هيٺ ڪجھ اهڙا لفظ لکجن ٿا. اوهان ڪجھ وڌيڪ اهڙا لفظ ڳولي لکندا؟

| | | |
|---|---|---|
| (1) **ريت** | (2)..................... | (3)..................... |
| (4) **جيها** | (5)..................... | (6)..................... |

**نوٽ:** مارئيءَ جي ڪردار تي تفصيلي نوٽ لکو.




ISBN 978-9-6962507-4-6
9 789696 250746